# بي مثال عورتون

**06-February-2020**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ ٿي پيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# بي مثال عورتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## درود پاڪ جي فضيلت

**حضورِ انور** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو فرمانِ جنّت نشان آهي"** :**قيامت جي ڏينهن الله** عَزَّ وَجَلَّ **جي عرش کان سواءِ ڪا به ڇانوَ نہ هوندي، ٽي شخص الله** عَزَّ وَجَلَّ **جي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندا، عرض ڪيو ويو: يا رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **!اُهي ڪير هوندا؟ ارشاد فرمايائون:** (1) **اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني دور ڪري** (2) **منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو** (3) **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو.** (اَلبُدورُ السّافرة لِلسّيوطي، ص ١۶٩حديث ٣۶۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي .**

**(المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)**

**ٻہ مدني گُل:**(1) **بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.**

(2) جيترين سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندَس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٿئي گوڏا وچائي ويهندَس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندَس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجهہ ٻُڌندَس،ان کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** تاريخ اسلام ۾ بي مثال عورتن جو تذڪرو ملي ٿو، انهن ۾ صحابيات پڻ گذريون آهن ۽ انهن کان فيض وٺندڙ ڪيئي صالحات (نيڪ عورتون) بہ گذريون آهن. انهن بي مثال عورتن جو ڪردار پڻ بي مثال رهيو آهي، اڄ جي بيان ۾ اسان انهن بي مثال عورتن جي سيرت ۽ ڪردار جا مختلف پهلو ۽ واقعا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. هن ضمن ۾ حلال ڪائڻ ڪارائڻ ۽ حرام کان بچڻ جون فضيلتون ٻڌنديوسين. اهو بہ ٻڌنديوسين تہ دين تي عمل جا ڪهڙا فائدا آهن ۽ اصل ڪاميابي ڇا آهي، بيان جي آخر ۾ حضرت امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي خاندانِ عالي جي نهايت ئي نيڪ، عبادت گذار، عظيم وَلِياڻي حضرت نفيسہ جو ذڪرِ خير بہ ڪيو ويندو،

اِنۡ شَآءَالله. اچو! پهريان هڪ حڪايت ٻڌون ٿيون:

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بي مثال مهر

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! انهن بي مثال عورتن مان هڪ وڏي مشهور صحابيه حضرت بي بي اُمِّ سُلَيم رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا آهن. اهي مشهور صحابي رسول ۽ خادمِ دربارِ رسالت حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنۡه جي سڳي امڙ هيون. رسولِ خدا، مڪي مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيئي ڀيرا پنهنجي مبارڪ وجود سان انهن جي گهر کي جڳمڳايو هو. دين جي لاءِ انهن جي سوچ ڪهڙي هئي، اچو ان جو هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌون ٿيون:

حضرت بي بي اُمِّ سُليم رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا پنهنجي قوم سان گڏ اسلام قبول ڪيو، پر سندن مڙس مالڪ بن نضر اسلام قبولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. حضرت بي بي اُمِّ سُليم رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا ان کي به دين جي دعوت ڏني پر ان جي قسمت ۾ اها سعادت نه هئي، بلڪ هو ناراض ٿي ملڪ شام هليو ويو ۽ اتي رهڻ لڳو. ڪجهه عرصي کان پوءِ ان جو انتقال ٿي ويو، جڏهن ان جي موت جي خَبَر حضرت اُمِّ سُليم رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا کي ملي ته ان وَقت سندن پٽ حضرت اَنَس بِن مالِڪ رَضِيَ اللهُ عَنۡه تمام ننڍا هئا، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا ارادو ڪيو ته اڃان ڪجهه عرصو نڪاح نه ڪنديس.

جڏهن ڪجهه عرصو گذري ويو ته حضرت ابو طلحه رَضِيَ اللهُ عَنۡه کين نِڪاح جو پيغام ڏنو، جيئن ته هو اڃان مسلمان نه ٿيا هئا، ان ڪري پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا فرمايو: مون کي اهو نٿو زيب ڏئي ته مان هڪ غير مسلم سان نِڪاح ڪيان. هڪ روايت ۾ آهي پاڻ فرمايائون: اي ابوطلحه! اوهان جهڙن ماڻهن جي پيغام کي رد نٿو ڪري سگهجي پر تون مسلمان نه آهين جڏهن ته مان مسلمان آهيان. تنهنڪري منهنجو توسان نڪاح نٿو ٿي سگهي. پوءِ فرمائڻ لڳيون: اي ابو طلحه! ڇا توکي خبر ناهي ته جنهن خُدا جي تون عبادت ڪرين ٿو اهو ته زمين مان ڦٽنڊڙ هڪ وڻ آهي، جنهن کي فلاڻي قبيلي جي هڪ حبشي ٺاهيو آهي؟ ان

اقرار ڪيو تہ فرمائڻ لڳيون: ان جي باوجود تو کي شرمندگي ناهي ٿيندي جو زمين مان ڦٽڻ واري هڪ ڪاٺي کي سجدو ڪريو ٿا جنهن کي فلاڻي قبيلي جي حبشي تيار ڪيو آهي. تہ ڇا هاڻي شاهدي ڏيو ٿا تہ اللّٰہ پاڪ ڪانسواءِ ڪوئي مَعبُود ناهي ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اللّٰہ پاڪ جا رسول آهن؟ جيڪڏهن اها شاهدي ڏيو ٿا تہ مان شادي لاءِ تيار آهيان ۽ توهان جو اسلام قبول ڪرڻ ئي منهنجو (حق) مهر ٿيندو.

هڪ روايت ۾ آهي تہ حضرت ابو طلحہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ پڇا ڪئي: اوهان جو (حق) مهر ڇا آهي؟ چيائون: منهنجو مهر ڇا ٿي سگهي ٿو؟ اهي چوڻ لڳا: سون چاندي؟ ان تي حضرت بي بي اُم سليم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا چوڻ لڳيون: مون کي سون چاندي جي ضرورت ناهي مان تہ اهو چاهيان ٿي تہ اوهان اسلام قبول ڪري وٺو. (حلية الاولياء،الرميصاء ام سليم، ٢/٧١، رقم:١٥١٢)

ان تي حضرت ابو طلحہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ سوچڻ جي لاءِ ڪجھ وَقت گهريو ۽ هليا ويا، جڏهن ڪجھ سوچڻ ڪان پوءِ واپس موٽيا تہ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا. پوءِ حضرت اُمِّ سُليم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا پنهنجي پٽ حضرت اَنَس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي حڪم ڏنو تہ هو نِڪاح پڙهائن. (طبقات ابن سعد، رقم:۴۵۷۱، ام سليم بنت ملحان، ۸/ ۳۱۳، ۳۱۴، ملخصا)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دين کي ترجيح ڏيو!

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن حڪايت ۾ اسان جي لاءِ درس جا ڪيئي پهلو موجود آهن، هڪ ڳالھ تہ اها معلوم ٿئي ٿي تہ اڳوڻي دور جون عورتون واقعي بي مثال هيون، غور ڪريو اڄ جي هن ترقي يافتہ دور ۾ بہ جيڪڏهن ڪا خاتون خدانخواستہ بيوه ٿي وڃي تہ ان کي هڪ مضبوط سهاري جي ضرورت هوندي آهي ۽ جيڪڏهن ڪٿان ڪان اهو سهارو ملي وڃي تہ ان کي اپنائڻ ۾ دير ناهي ڪئي ويندي، ۽ نہ ئي ڪرڻ گهرجي جڏهن تہ اهو دور تہ اڃان جهالت جي انڌيرن مان نڪري رهيو هو، اتي بيوه سان ڪهڙو سلوڪ ٿيندو

هوندو ان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، اهڙي ماحول ۾ جڏهن حضرت بي بي أمِّ سُلَيم رَضِیَ اللہُ عَنْہا کي حضرت ابو طلحہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي صورت ۾ هڪ مضبوط سهارو ملي رهيو هو، جيڪي مالدار هئا، پنهنجي دور جي معزز ماڻهن ۾ شامل هئا، عزت ۽ شان وشوڪت جا مالڪ هئا، جڏهن انهن نڪاح جو پيغام موڪليو تہ حضرت بي بي اُم سُليم رَضِیَ اللہُ عَنْہا خوش ٿيڻ بدران، پنهنجي قسمت تي ناز ڪرڻ بدران، حضرت ابو طلحہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي مال و دولت ڏانهن توجهہ ڏيڻ بدران ۽ پنهنجي مستقبل جا سنا سنا خواب ڏسڻ بدران دين ۽ اسلام جي دعوت ڏيڻ کي سيني تي ترجيح ڏني، اسلام جي خدمت ڪرڻ کي انهن ترجيح ڏني، نيڪي جي دعوت ڏيڻ کي انهن ترجيح ڏني ۽ پنهنجي هن عمل سان انهن اهو ٻڌائي ڇڏيو تہ دين جي محبت، دين جو پيار، دين جي خدمت جي سوچ، نيڪي جي دعوت کي ترجيح ڏيڻ جو جذبو ۽ دين جي تبليغ جو جذبو گهڻو اهم آهي. هن مان اندازو لڳايو تہ انهن کي دين سان ڪيترو پيار هو، هوءَ پنهنجي ذات بابت ڇڳائين ۾ بہ دين کي پهرين نمبر تي رکنديون هيون. هن مان اسان کي سوچڻ گهرجي تہ اسان بہ پنهنجي تمام ڪمن ۾ دين کي پهريان ڏسون، ❖ هر اهو ڪم جيڪو اسان ڪرڻ وڃي رهيون هجون، اسان کي گهرجي تہ سوچيون تہ هن ۾ اسان جو دين ڇا چوي ٿو؟ ❖ پنهنجي جيڪا وک اسان وڌائڻ چاهيون ٿيون، ❖ اسان جيڪو ڪم ڪرڻ چاهيون ٿيون، ❖ اسان جنهن سان ملڻ چاهيون ٿيون، ❖ جنهن سان گڏ اٿڻ چاهيون ٿيون، ❖ جتي وڃڻ چاهيون ٿيون، ❖ جنهن سان گڏ ويهڻ چاهيون ٿيون، ❖ جيڪو پڙهڻ چاهيون ٿيون، ❖ جيڪو پڙهائڻ چاهيون ٿيون، ❖ جتي پڙهڻ چاهيون ٿيون، ❖ جيڪو کائڻ چاهيون ٿيون، ❖ جيڪو پائڻ چاهيون ٿيون، ❖ جيڪو چوڻ چاهيون ٿيون، ❖ جيڪو ٻڌڻ چاهيون ٿيون، مطلب تہ! ڪو بہ ڪم ڪرڻ چاهيون ٿيون، اسان کي پنهنجي دين کي پهريان ڏسڻ گهرجي تہ اسان جو دين هن باري ۾ ڇا چوي ٿو؟ ❖ اسان جو مذهب هن باري ۾ ڪهڙي رهنمائي فرمائي ٿو؟ ❖ اسان جو پاڪ پَروَردگار هن باري ۾ ڪهڙو حڪم فرمائي ٿو؟ ❖ اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن باري ۾ ڇا ارشاد فرمائن ٿا؟

## دين تي عمل جي جزاء ڇا آهي؟

ياد رکو! جيڪڏهن اها ئي سوچ بڻجي وئي، ۽ اسان هر ڪم ڪرڻ کان پهريان اهو ئي سوچڻ شروع ڪري ڇڏيو ته اسان جو دين ڇا چوي ٿو ۽ ان جي مطابق اسان عمل شروع ڪري ڇڏيو، ته اسان جو اهو عمل نه صرف دنيا ۾ اسان کي ڪامياب ڪندو، بلڪ اسان جو اهو عمل اسان کي قبر ۾ پڻ رسوا ٿيڻ کان بچائيندو ۽ اسان کي قيامت جي ڏينهن به رسوا ٿيڻ کان بچائيندو. انهيءَ ڳالهه کي سيپاري 30 سورة البينة آيت نمبر 7 ۽ 8 ۾ هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ اُولٰٓىٕكَ هُمْ خَيْرُ الْبَرِيَّةِ ۟ؕ جَزَآؤُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَاۤ اَبَدًا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ رَبَّهٗ ۟ (پ۳۰،البينه ۷،۸)

ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون هي ئي سموري مخلوق ۾ بهتر آهن. انهن جو انعام سندن رب وٽ ٽڪڻ جا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. جن ۾ هميشه هميشه رهندا، الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي ان کان راضي ٿيا اهي ان جي واسطي آهي جيڪو پنهنجي رب کان ڊڄي.

هنن آيتن جي حوالي سان حضرت علامه علي بن محمد خازن پنهنجي تفسير خازن ۾ لکن ٿا: اهي بشارتون جيڪي آيت سڳوري ۾ بيان ڪيون ويون آهن اهي ان جي لاءِ آهن جيڪو دنيا ۾ پنهنجي ربّ ڪريم کان ڊڄي ۽ رب جي نافرماني کان بچي. (تفسير خازن،پ ۳۰، البينة، تحت الآية:۸، ۴/۴۲۹، ملتقطا)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ جيڪا الله پاڪ کان ڊڄڻ واري هوندي، جيڪا ان جي نافرماني کان بچڻ واري هوندي، جيڪا ان جي احڪامن تي عمل ڪرڻ واري هوندي، حقيقي معني ۾ تقويٰ جي نور سان جنهن جو باطن منور هوندو، انهيء جو معمول هوندو جو هر قدم کڻڻ کان پهريان دين ۽ اسلام جي تعليمات ڏانهن توجھ ڏيندي هوندي، عاشقانِ رسول، عالمن ۽ مفتيانِ ڪرام کان رهنمائي وٺندو ۽ جيئن دين چوندو، انهيء تي اهو عمل ڪندو هوندو. الله پاڪ اسان کي بہ دين تي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اَمِيرِ اهلسنّت ڪيتري پياري دعا ڪن ٿا:

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی!
میں پڑھتا رہوں سنّتیں، وقت ہی پر ہوں سارے نوافل ادا یاالٰہی!

ہو اخلاق اچھا ہو کردار ستھرا مجھے متقی تُو بنا یاالٰہی!
(وسائلِ بخشش مرمم، ص۱۰۲، ۱۰۴)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسين بي مثال عورتن جي بي مثال زندگين جي ڪجھ پهلوئن بابت ٻڌي رهيون هيوسين، هينئر اسان صحابيہء رسول حضرت بي بي ام سُليم رَضِیَ اللہُ عَنْہا جي متعلق ٻڌو. اچو! تقويٰ، پرهيزگاري ۽ خوفِ خدا سان معمور هڪ بي بي مثال خاتون جو واقعو ٻڌون ٿيون، جنهن سان اسان کي اندازو ٿيندو تہ اڳوڻي دور جون عورتون ڪهڙيون هيون، انهن جي سوچ ڪهڙي هئي.

## خليفي جي اهليہ (گهرواري) جا زيورات

حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي گهرواريء حضرت بي بي فاطمہ رَحْمَۃُ

اللهِ عَلَيْها جيڪا خليفہ عبدالملڪ جي نياڻي هئي، ان جو وڏي گهراڻي سان تعلق هو. پر سندن جي سيرت تي نظر وڌي وڃي تہ انهن جو بہ تاريخ اسلام جي بي مثال عورتن ۾ شمار ٿيندو. جڏهن حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خليفہ بڻيا تہ پنهنجي زوجہ محترمہ بي بي فاطمہ سان مشورو ڪندي فرمائڻ لڳا: توڪي پنهنجي هنن زيورن جو حال معلوم آهي تہ تنهنجي والد اهي ڪهڙي طرح حاصل ڪيا ۽ پوءِ ڪهڙي طرح توڪي ڏنا؟ جيڪڏهن تون اجازت ڏئين تہ مان انهن کي هڪ صندوق ۾ بند ڪري تالو هڻي بيتُ المال جي آخري حصي ۾ رکي ڇڏيان، جيڪڏهن هن ڪان پهريان بيت المال جو سمورو مال خَرچ ٿي وڃي تہ ان کي بہ خَرچ ڪري ڇڏيان ۽ جيڪڏهن ان کي خَرچ ڪرڻ ڪان پهريان ئي منهنجو اِنتقال ٿي وڃي تہ تو کي اهي ملي ئي ويندا. (يعني بعد وارو خليفو توهان کي واپس موٽائي ڏيندو.) زوجہ محترمہ سعادت مندي سان چيو: جيئن اوهان جي راءِ هجي، منهنجي طرفان اِجازت آهي. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام زيور بيتُ المال ۾ رکرائي ڇڏيا، اهي زيور اجان بيتُ المال ئي ۾ موجود هئا تہ حضرتِ عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو وِصال ٿي ويو، بعد ۾ حضرتِ بي بي فاطمہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها جو ڀاءُ يزيد بن عبدُالملڪ خليفو ٿيو تہ اهي زيور انهن کي موٽائڻ چاهيائين، پر بي بي صاحبہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها اهو چئي وٺڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو تہ اهو نٿو ٿي سگهي تہ مان حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زندگي ۾ زيورات کي ڇڏي ڏيان ۽ سندن وفات ڪان پوءِ واپس وٺان. پوءِ خليفي اهي زيور گهر جي ٻين عورتن ۾ ورهائي ڇڏيا. (سيرت ابن عبدالحکم، ص۵۲)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## منصب چاجي لاءِ ملندو آهي؟

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن حڪايت ۾ اسان جي لاءِ درس جا ڪيئي پهلو آهن. هڪ ڳالهہ تہ اها معلوم ٿئي ٿي تہ ڪو بہ منصب ۽ عهدو گهر ڀرڻ جي لاءِ ناهي هوندو، بلڪ الله جي مخلوق جي خدمت ڪري رب جي رضا ماڻڻ جي لاءِ هوندو آهي ۽ جيڪي ماڻهو انهيءَ ڳالهہ کي پنهنجو مقصد بڻائن ٿا اهي

هن دنيا ۾ بہ ڪامياب رهندا آهن ۽ آخرت ۾ بہ فائدو ڪڻندا آهن.

## زال هجي تہ اهڙي!

ٻي ڳالھ اها بہ معلوم ٿي تہ اڄ جي عورتن جي هڪ تعداد آهي جنهن جو حال اهو آهي جو مال ۽ دولت، زيور ۽ عمده لباس وغيره ڪي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڊوڙ ڊڪ ڪندي نظر اينديون آهن، الماريون ڀريل هونديون آهن پر انهن جي دل جي لالچ ۽ حرص ختم ناهي ٿيندو، اجان ملي وڃي، وڌيڪ ملي وڃي انهيءَ ڪوشش ۾ رهنديون آهن. افسوس جو لکين روپين جا زيور ۽ لباس هئڻ جي باوجود راھ خدا ۾ هڪ پائي خرچ ڪرڻ کان ڪيٻائينديون آهن.

اهڙن عورتن جي لاءِ حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي بي مثال گهر واريءَ جو بي مثال ڪردار مشعلِ راھ (رهنمائي ڪرڻ وارو چراغ) آهي. ڇوتہ اهي زيور جيڪي ان وٽ هئا، اهي انهن کي والد ڏنا هئا جيڪو پنهنجي وقت جو خليفو هو، قطعي طور تي حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي گهرواريءَ انهن زيورن جون مالڪ هيون. اهي چاهين ها تہ چئي ڇڏين ها تہ منهنجي والد ڏنا آهن، ان جتان بہ ورتا هجن هاڻي تہ اهي منهنجا ٿي آهن. پر انهن اهڙو ڪجھ نہ ڪيو، بلڪ ڪمال تابعداري جو مظاهره ڪندي چيائون: جيئن اوهان جي راءِ هجي (اهو ڪريو) منهنجي طرفان اجازت آهي.

هتي اها ڳالھ بہ آهي تہ حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو خليفو بڻجندي ئي سندن گهرواريءَ جي دولت ۽ مال ۾ اضافو ٿيڻ گهرجي ها ڇوتہ هاڻي وڏو عهدو هو تہ آمدني بہ وڌڻ گهرجي ها، پاڻ خليفو انهن کي تحفا ڏئي ها، ٻيا ماڻهو پڻ نذرانو پيش ڪن ها، اها پاڻ بہ پنهنجي مڙس کان ڪنهن مهانگي شيءِ جي فرمائش ڪري سگهيون پئي، ڇوتہ اسان پنهنجي آسپاس ڏسون پيون تہ ڪنهن جي مڙس کي معمولي ترقي ملي وڃي يا ڪو عهدو ملي وڃي تہ زال اهو ٻڌندي ئي فرمائشن جا انبار لڳائي ڇڏيندي آهي، ان کي پرواه تائين ناهي هوندي تہ مڙس ناجائز ذريعن کان ان جي فرمائش پوري ڪري ٿو يا

پنهنجي حلال پگهار مان ان مطالبي جو انتظام ڪري ٿو، ان ڪي ته بس پنهنجي قيمتي لباس ۽ زيورن سان ڪم هوندو آهي، ۽ هن طرح جون عورتون اهو چوندي نظر ايندیون آهن، هاڻي اوهان آفيسر بڻجي ويا آهيو، مون وٽ ته ڍنگ جا زيور نه آهن، ڍنگ جا ڪپڙا نه آهن، ماڻهو ڇا چوندا ته آفيسر جي زال فقيراڻيءَ جيان گهمندي وتي ٿئي؟ مون کي سنا سنا ڪپڙا ۽ زيور آڻي ڏي ته جيئن مان پنهنجي مقام ۽ مرتبي (اسٽيٽس) جي مطابق زندگي گذاريان. حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گهرواريءَ به پنهنجي مڙس کان اهي مطالبا ڪري سگهيون ٿي، ڇوته ان جو مڙس اوپر کان اولهه جي هڪ وڏي علائقي جا خليفه بڻجي ويا هئا، پر قربان وڃجي انهن جي اطاعت واري جذبي تي جو فرمائشون ته رهيون هڪ پاسي پنهنجي مڙس جي چوڻ تي خوشي خوشي پنهنجا سمورا زيور بيت المال ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا.

۽ وري سعادت مندي ۽ مڙس جي اطاعت جو انداز ڏسو ته حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي انتقال کان پوءِ انهن جي گهرواريءَ جو ڀاءُ يزيد بن عبد الملڪ خليفه بڻيو، ان پنهنجي ڀيڻ حضرت فاطمه کي چيو ته پنهنجا زيور واپس وٺو، پر بي بي فاطمه اهو چئي منع ڪري ڇڏيو ته جڏهن پنهنجي مڙس جي موجودگي ۾ نه ورتا ته هاڻي ڇو واپس وٺان؟

## حلال تي قناعت ڪريو!

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ❖ اهي آهن اڳوڻي دور جون بي مثال عورتون، ❖ اها آهي انهن بي مثال عورتن جي بي مثال سوچ، ❖ اهو آهي ان بي مثال عورتن جو بي مثال رويو، ❖ اهي آهن ان بي مثال عورتن جا بي مثال واقعا. اڄ ته سڄو نظام بگڙيل آهي، ڇا مرد ڇا عورت سڀني جو حال هڪجهڙو آهي. ياد رکو! رزقِ حلال سان ڇنڊڻي کائي ۽ رُکي سُکي ماني کائي سڄي زندگي گذاري وڃي ته اهو حرام جو هڪ روپيو کائڻ کان وڌيڪ بهتر ۽ فائده مند آهي. تنهنڪري! پنهنجو اهو ذهن بڻايو ته حالات جهڙا به ٿي وڃن صرف ۽ صرف حلال تي ئي گذارو ڪنداسين. حرام ڏانهن هرگز نه وينديوسين. الله

پاڪ اسان کي حلال ڪائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اچو! ٻڌون ٿيون تہ مالِ حلال جا ڪهڙا فائدا آهن:

## حلال مال جا فائدا

جيڪو مُسلمان پنهنجي اهل ۽ عيال کي حَلال ڪارائي ٿو ❖ اهو پُرسُڪون ۽ خُوشحال زندگي گُذاري ٿو ❖ حلال ڪائڻ وارن جو ماڻهن جي نظرن ۾ هڪ خاص مقام بڻجي ويندو آهي ❖ حلال ڪائڻ وارن جي رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي ❖ حلال ڪائڻ وارن جا گُناهہ مُعاف ڪيا ويندا آهن ۽ ❖ حلال ڪائڻ وارن جون دُعائون قبول ٿينديون آهن. حلال ڪائڻ جون فضيلتون ايتري قدر گهڻيون آهن جو دل چاهي ٿي تہ بس بيان ڪنديون ۽ ٻڌنديون ئي وڃون. اچو! ترغيب طور پنهنجي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون 4 حديث سڳوريون ٻڌون ٿيون ۽ ان تي عمل جي نِيت بہ ڪيون ٿيون:

1. ارشاد فرمايائو: جنهن چاليهہ (40) ڏينهن تائين حلال ڪاڌو، الله پاڪ ان جي دل کي منور ڪندو ۽ ان جي زبان تي حڪمت جا چشما جاري ڪندو ۽ دنيا و آخرت ۾ ان جي رهنمائي فرمائيندو. (اتحاف السادة،كتاب الحلال والحرام ، الباب الاول، فى فضيلة الحلال ...الخ ، ۶ / ۴۵۰)

2. جنهن شخص حلال مال ڪمايو پوءِ ان کي پاڻ ڪاڌو يا ان ڪمائي مان لباس پاتو ۽ پاڻ کان علاوه الله تعاليٰ جي ٻي مخلوق (جيئن پنهنجي اهل و عيال ۽ ٻين ماڻهن) کي ڪارايو ۽ پارايو تہ ان جو اِهو عمل ان جي لاءِ برڪت ۽ پاڪيزگي آهي. (ابن حبان،كتاب الرضاع، باب النفقة،۲۱۸/۴، حديث : ۴۲۲۲)

3. هڪ شخص نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پرسان لنگهيو تہ صحابہِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ان جي ڦرتيليءَ ۽ چستي کي ڏٺو تہ عرض ڪيو: يا رَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڪاش! ان جو هي حال الله پاڪ جي راهہ ۾ هجي ها. تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪڏهن هي شخص پنهنجي ننڍن ٻارن جي لاءِ رزق جي تلاش ۾ نڪتو آهي تہ هي الله پاڪ جي راهہ ۾

آهي ۽ جيڪڏهن هي شخص پنهنجي پوڙهي والدين جي لاءِ رزق جي ڳولا ۾ نڪتو آهي ته به هي الله پاڪ جي راھ ۾ آهي ۽ جيڪڏهن هي پنهنجي پاڪدامني جي لاءِ رزق جي تلاش ۾ نڪتو آهي ته به هي الله پاڪ جي راھ ۾ آهي ۽ جيڪڏهن هي ڏيکاءُ ۽ فخر جي لاءِ نڪتو آهي ته هي شيطان جي راھ ۾ آهي. (التر غيب والترهيب،كتاب النكاح، باب التر غيب فى النفقة ، ۴۲/۳، حديث:۱۰)

4. حضرت سيدُنا سعد رَضِیَ اللهُ عَنْه عرض ڪيو: يارسول الله! اوهان دُعا ڪيو ته الله پاڪ منهنجي دُعا قبول ڪري، ته قاسمِ نعمت، نبي رحمت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جن ان کي ارشاد فرمايو: ياسَعْد!اَطِبْ مَطْعَمَكَ تَكُنْ مُسْتَجَابَ الدَّعْوَةِ يعني پنهنجي کاڌي کي پاڪيزه بڻايو توهان جون دُعائون قبول ٿينديون. (معجم اوسط،۳۴/۵، حديث:۶۴۹۵)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجهه بي مثال عورتن جو تذڪرو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان بي مثال عورتن جو تذڪرو ٻڌي رهييون آهيون. هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته هن امت جون سڀ کان وڌيون بي مثال عورتون ازواجِ مطهرات آهن، يعني اسان جي آقا، سرڪارِ مدينه صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جون مبارڪ گهر واريون، انهن جي بي مثاليءَ جو عالم اهو آهي جو اهي امت جي سيني عورتن جي لاءِ عملي نمونو يعني رول ماڊل آهن.

## اُمّھاتُ المؤمنين جو ذڪرِ خير

انهن ۾ حضرت بي بي خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللهُ عَنْها پڻ آهن، جن پنهنجو سمورو مال دينِ اسلام جي سر بلندي جي لاءِ خرچ ڪري ڇڏيو ۽ هر طرح جي مشڪلاتن تي صبر ڪندي نبي پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو ساٿ ڏنو. جن سان آقا ڪريم، رسولِ عظيم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ بي پناھ محبت ڪندا هئا، ۽ انهيءَ مان خاتونِ جنت حضرت بي بي فاطمه رَضِیَ اللهُ عَنْها جي پيدائش ٿي.

انهن ازواجِ مطهرات ۾ حضرت سوده بنتِ زمعہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا بہ آهن جن کي اللّٰه پاڪ سخاوت جهڙي عظيم نعمت سان نوازيو هو، سندن سخاوت جو عالم اهو هو جو هڪ ڀيري انهن وٽ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي طرفان درهمن سان ڀريل ڳوٿري آئي تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا تمام درهم راهِ خدا ۾ خرچ ڪري ڇڏيا. (الطبقات الكبرىٰ ،ذكر ازواج ...الخ،۴۱۲۷،سوده بنت زمعه،۴۵/۸)

انهن ازواجِ مطهرات ۾ حضرت بي بي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا بہ آهن، جيڪي مُفتيہ بڻيون، مُحدثہ بڻيون، عالمہ بڻيون، مُفسره بڻيون، طيبہ طاهره، عابده زاهده، مطلب تہ! اهو ڪهڙو وصف آهي جيڪو سندن ذات ۾ نہ هو، انهن جو مقام تہ اهو آهي جو اللّٰه  پاڪ انهن جي پاڪ دامني قرآنِ پاڪ ۾ بيان ڪندي سورهٔ نور جون 18 آيتون نازل فرمايون.

انهن ازواجِ مطهرات ۾ حضرت حفصہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا بہ آهن جيڪي گهڻيون سخي هيون، اڪثر روزي سان رهنديون هيون ۽ تلاوتِ قرآن پاڪ ۽ ٻين عبادتن ۾ مصروف رهنديون هيون، علم فقہ و علم حديث جون پڻ ماهر هيون. (جنتی زیور،ص ۴۸۴-۴۸۵)

انهن ازواجِ مطهرات ۾ حضرت زينب بنتِ خُزيمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا بہ آهن، جيڪي فقراء و مساڪين تي خصوصي شفقت ڪنديون هيون ۽ انهن تي خوب خرچ ڪنديون هيون. ايستائين جو زمانہ جاهليت ۾ بہ پاڻ کي ”امُّ المساڪين“ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. (امہات المؤمنين،ص۳۸)

انهن ازواجِ مطهرات ۾ حضرت اُمِّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا بہ آهن، جن جي علم دين ۾ مهارت جو حال اهو هو جو فقهاء يعني شرعي احڪام و قوانين جي ماهر صحابيات ۾ سندن شمار ٿيندو هو. (سير اعلام النبلاء، ۲۰،ام سلمة ام المومنين، ۲۰۳/۲)

انهن ازواجِ مطهرات ۾ حضرت زينب بنتِ جحش رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا بہ آهن، انهن جي خشوع و خضوع جو حال اهو هو جو رسول اللّٰهصَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ  انهن جي خشوع و

خضوع بابت ارشاد فرمايو: زينب بنتِ جحش (رضی اللہ عنہا) خشوع اختيار ڪرڻ واريون ۽ رب جي بارگاهه ۾ ﭘاڏائڻ واريون آهن. (اسد الغابہ،حرف الزاء،۶۹۴۸،زینب بنت جحش، ۱۴۰/۷) حضرت بي بي زينب بنت جحش جي عادت هئي ته جيڪو ڪجهه پنهنجي هٿ سان ڪمائينديون هيون اهو تمام فقيرن ۽ مسڪينن کي ڏينديون هيون ۽ صرف ان ڪري محنت و مشقت ڪنديون هيون جو فقيرن ۽ محتاجن جي مدد ڪن. (جنتی زیور،ص ۴۹۳)

انهن ازواجِ مطهرات ۾ حضرت جُوَيريه رضی اللہ عنہا به آهن جيڪي وڏي عبادت گذار ۽ دين دار خاتون هيون، نماز فجر پڙهڻ کان پوءِ نماز چاشت تائين اوراد و وظائف ۾ مصروف رهنديون هيون. (جنتی زیور، ص۴۹۶)

انهن ازواجِ مطهرات ۾ حضرت اُمّ حبيبه رضی اللہ عنہا به آهن، اهي ڪيئي حديثن جون حافظ هيون، وڏيون عبادت گذار ۽ نيڪوڪار خاتون هيون. (جنتی زیور، ص۴۹۰)

انهن ازواجِ مطهرات ۾ حضرت صفيه رضی اللہ عنہا به آهن، هي به اُنهن بي مثال عورتن ۾ شامل آهن جيڪي عبادت، تقويٰ و پرهيزگاري ۽ صدقو ڪرڻ جي اعتبار سان تمام عورتن جون سردار آهن. (فیضان امہات المؤمنین،ص۳۱۰)

انهن ازواجِ مطهرات ۾ حضرت ميمونه رضی اللہ عنہا به آهن، اهي به وڏيون پرهيزگار ۽ سنتن تي عمل ڪرڻ واريون خاتون هيون، مسواڪ سان محبت جو عالم اهو هو جو جڏهن ڪنهن ٻي ڪم ۾ مشغول نه ٿينديون هيون ته مسواڪ ڪرڻ لڳي وينديون هيون. (مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب الطہارات، ما ذکر فی السواک، ۲۱۹/۲، حدیث:۱۸۱۲)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون جيڪي** وڏيون نيڪ هيون، ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون جيڪي** وڏيون عبادت گذار هيون، ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون جيڪي** دين تي عمل ڪرڻ واريون هيون، ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون جيڪي** پنهنجي شرم وحيا جي حفاظت ڪرڻ واريون هيون، ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون جيڪي** سچي

زندگي الله  ڪريم جي اطاعت و فرمانبرداري ڪنديون رهيون، ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون جيڪي** مخلوق کي ڇڏي خالق جي پيروي ڪنديون رهيون، ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون جيڪي** سيرت و ڪردار ۾ به بي مثال هيون ۽ زهد و تقويٰ ۾ به بي مثال هيون، ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون جيڪي الله** ڪريم سان محبت ڪنديون هيون ۽ ان جي رسول عَلَيهِ السَّلَام **سان به محبت** ڪنديون هيون، ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون جيڪي** نه زيب و زينت ۾ مصروف رهنديون هيون ۽ نه مال و دولت جي پويان وينديون هيون، ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون جن** پنهنجي ڪردار سان سڄي امت کي درس ڏنو ته عورتن جي زندگي ڪهڙي هئڻ گهرجي. ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون جن** اهو ثابت ڪيو ته عورتون دين جي ترويج و اشاعت ۾ به حصو وٺي سگهن ٿيون. ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون** جيڪي هن امت جي اسلامي ڀينرن جي لاءِ رول ماڊل بڻيون آهن، ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون** جن کي ڏسي اسان چئي سگهون ٿا ته اڄ جي عورتن کي اهڙو هئڻ گهرجي، ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون** جن پنهنجي ڪردار سان ٻڌايو ته هڪ عورت کي زال جي صورت ۾ ڪهڙو هئڻ گهرجي، ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون** جن پنهنجي ڪردار سان ٻڌايو ته هڪ عورت جو ماءُ جي صورت ۾ ڪهڙو ڪردار هئڻ گهرجي. ❖ **هي آهن اهي بي مثال عورتون** جن پنهنجي ڪردار سان ٻڌايو ته هڪ عورت کي ڌيءَ جي صورت ۾ ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ اڄ جيڪڏهن اسان پنهنجي معاشري ۾ موجود عورتن جي احوال جو جائزو وٺون ته اندازو ٿيندو ته **اڄ جون عورتون** انهن بي **مثال عورتن** جي سيرت کي وساري چڪيون آهن، **اڄ جون عورتون** اڳوڻين بي **مثال عورتن** جي ڪردار کان منهن موڙي چڪيون آهن. افسوس! اڄ جي هن پُرفتن دور ۾ جڏهن عورتن کي مختلف انداز سان بي حيائي، بي راه روي، بي پردگي، عرياني، نمود و نمائش ۽  هن طرح جي ٻين ڪمن تي اڀاريو وڃي پيو ۽ ڪجهه نادان انهن ڏانهن مائل به ٿي رهيون آهن، اچو! ڀهريان جي بي **مثال عورتن** مان هڪ بي بي **مثال خاتون** عابده، زاهده ۽ وَلِيه جو بي مثال

واقعو ٻڌون ٿا:

## دامن جو ڏاڳو

هند جي مشهور شهر دهلي ۾ هڪ ڀيري سخت ڏڪار پيو، ماڻهن جي گهڻين دعائن جي باوجود بارش نه ٿي. سلسلهٔ چشتيه نظاميه جي باني ۽ عظيم پيشوا ۽ ولي ڪامل حضرت سيد محمد نظامُ الدّين اولياء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن پنهنجي امڙ سائڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها جي **ڪپڙي جو هڪ ڏاڳو** هٿ ۾ ڪٽي عرض ڪيو: يا **الله!** هي اُن عورت جي **دامن جو ڏاڳو** آهي جنهن (عورت) تي ڪڏهن ڪنهن نامَحرم جي نظر نه پئي، منهنجا مولا! انهيءَ جي صدقي رحمت جو مينهن وساءِ! اڃان دعا ختم به نه ٿي هئي جو رحمت جا ڪَڪَر ڇائنجي ويا ۽ ڇما ڇم برسات شروع ٿي وئي. (اخبار الاخيارص۲۹۴)

*يهی مائيں ہيں جن کی گود ميں اسلام پلتا تها*
*حيا سے ان کی انساں نور کے سانچے ميں ڈهلتا تها*

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دين تي عمل جا فائدا

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ❖ اهو آهي ڪردار، اها آهي شريعت جي تابعداري، ❖ اها آهي شريعت جي پاسداري، ❖ اهو آهي دين تي عمل، ❖ اهو آهي تقويٰ ۽ الله پاڪ جو ڊپ، ❖ اهو آهي احڪامِ اسلام کي پاڻ تي نافذ ڪرڻ، ❖ اها آهي دين جي ڪمال اطاعت، ❖ اهو آهي پاڻ کي لڪائڻ، ❖ اها آهي پردي جي پاسداري ، ❖ ان کي چئبو آهي عفت و پاڪيزگي، ❖ ان کي چئبو آهي ڪردار جي مضبوطي، ❖ ان کي چئبو آهي ايمان جي مضبوطي، ❖ ان کي چئبو آهي پاڪدامني.

غور ته ڪريو! ڪيتري وڏي ڳالھ آهي ته هڪ خاتون شريعت ۽ دين جي تابعداري سان گڏ هن حال ۾ زندگي گذاري جو ان تي ڪڏهن ڪنهن نامحرم جي نگاهه تائين نه پئي هجي. جڏهن ڪردار ايترو پلو هجي، جڏهن عمل ۾

اهڙي پختگي هجي، جڏهن شريعت کي ايتري اهميت ڏني وجي تڏهن الله پاڪ اهڙو مقام عطا فرمائيندو آهي جو اهڙين بي مثال عورتن جو واسطو ڏئي نہ بلڪ انهن جي استعمال جي شين جو واسطو ڏئي نہ بلڪ انهن جي استعمال شده ڪپڙن جي هڪ ڌاڳي جو واسطو ڏنو وڃي تہ الله پاڪ رحمتن جون بارشون عطا فرمائيندو آهي.

## اڄ جي ڪجهہ عورتن کي ڇا ٿي ويو آهي؟

جڏهن تہ ان جي برعڪس جتي بي پردگي عام هجي، جتي عورتن ۾ شرم و حيا ئي نہ هجي، جتي بدنگاهي عام هجي، جتي دين تي عمل کي دقيانوسي سوچ سمجهيو وڃي، جتي پردي کي پراڻي زماني جو رواج سمجهيو وڃي تہ اتي رحمتون تہ ڇا وسنديون الٽو بي برڪتيون پيدا ٿينديون آهن. هڪ پاسي اسان جون اهي بي مثال عورتون هيون جيڪي پردي جي اهڙي پاسداري ڪنديون هيون جو انهن تي ڪنهن اجنبي جي نظر پوڻ اها تہ پري جي ڳالهہ آهي، سڄي زندگي انهن جي ڪپڙن کي ڪو اجنبي نہ ڏسي سگهندو هو ۽ هڪ اڄ جون عورتون آهن جتي ڏسو بي شرمي ۽ بي حيائي جي دعوت ڏيندي نظر اينديون آهن. اڄ جيڏانهن ڏسو دين ڪان دور عورتون بي پردگي کي فروغ ڏيندي نظر اينديون آهن. اشتهارن ۾ اهڙيون عورتون هونديون آهن، بازارن ۾ اهڙيون عورتون هونديون آهن، سنيما گهرن جي هالن ۾ اهڙيون عورتون هونديون آهن، سنيما جي پردن تي اهڙيون عورتون هونديون آهن، ٽي وي جي اسڪرينن تي اهڙيون عورتون هونديون آهن، ايئرپورٽ تي اهڙيون عورتون هونديون آهن، اسڪولن ۾ اهڙيون عورتون هونديون آهن، ڪالجن ۽ يونيورسٽين ۾ اهڙيون عورتون هونديون آهن، وڏن وڏن شاپنگ سينٽرن ۾ اهڙيون عورتون هونديون آهن، دڪانن جي ڪاؤنٽرن تي اهڙيون عورتون هونديون آهن، ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ جي نالي تي ٿي رهيو آهي؟ اهو سڀ بزنس جي نالي تي ٿي رهيو آهي، اهو سڀ ايجوڪيشن جي نالي تي ٿي رهيو آهي، اهو سڀ ڏيکاءَ ۽ فخريہ طور تي ٿي رهيو آهي ۽ اهو سڀ ترقي جي نالي

تي ٿي رهيو آهي. الامان والحفيظ. الله پاڪ مسلمانن کي هدايت ڏئي.

## ترقي ۽ ڪاميابي ڇا آهي؟

جڏهن ته **ترقي ۽ ڪاميابي اها ناهي** ته الله پاڪ ۽ ان جي رسول کي ناراض ڪيو وڃي، **ترقي ۽ ڪاميابي اها ناهي** ته الله پاڪ ۽ ان جي رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نافرماني ڪئي وڃي، **ترقي ۽ ڪاميابي اها ناهي** ته ناجائز و حرام ڪمن جو ارتڪاب ڪيو وڃي، **ترقي ۽ ڪاميابي اها ناهي** ته غير مسلمن جا طور طريقا اپنايا وڃن، **ترقي ۽ ڪاميابي اها ناهي** ته دين جي احڪامن جو سرِ عام مذاق اڏايو وڃي، **ترقي ۽ ڪاميابي اها ناهي** ته بي حيائي ۽ بي شرمي کي فروغ ڏنو وڃي، **ترقي ۽ ڪاميابي اها ناهي** ته گناهن جي فروغ جا سبب پيدا ڪيا وڃن، **ترقي ۽ ڪاميابي اها ناهي** ته مغرب جي انڌي ۽ اونداهه تهذيب کي سيني سان لڳايو وڃي، **ترقي ۽ ڪاميابي اها ناهي** ته اسلام جي روشن ۽ سٺي تعليمات کي وساريو وڃي. بلڪ هڪ مسلمان جي لاءِ حقيقي ترقي ۽ حقيقي ڪاميابي ڇا ٿي سگهي ٿي ۽ ڇا هئڻ گهرجي؟ اچو! قرآنِ پاڪ کان ٻڌون ٿيون ته ترقي ۽ ڪاميابي ڇا آهي. جيئن الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

فَمَنْ زُحْزِحَ عَنِ النَّارِ وَ اُدْخِلَ الْجَنَّةَ فَقَدْ فَازَ ؕ (پ۴،آل عمران:۱۸۵)

ترجمو ڪنز الايمان: **جيڪو باهه کان بچائي بهشت ۾ داخل ڪيو ويو سو مراد کي پهتو**

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** معلوم ٿيو ته حقيقي ڪاميابي اها آهي ته ٻانهو پاڻ کي جهنم کان نجات ڏياري جنت ۾ داخل ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي. (تفسير صراط الجنان،پ۴،آل عمران، تحت الآية ۱۸۵، ۱۱۲/۲)

هاڻي اسان کي گهرجي ته اسان هن ڪاميابي کي ماڻڻ جي ڪوشش ڪريون، پنهنجي گهر وارن جو ذهن بڻايون ۽ انهن کي هن پاسي مائل ڪريون. پنهنجي گهر جي مردن کي نيڪي جي دعوت ۽ انهن کي حڪمتِ عملي سان دين جي احڪامن تي هلڻ جي ترغيب ڏيون. الله پاڪ اسان کي دين تي عمل جي توفيق

عطا فرمائي. شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت ڪهڙي نه خوب دعا گهرن ٿا:

عبادت میں گزرے مری زندگانی کرم ہو کرم یاخدا یاالٰہی
بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ گناہوں سے ہر دم بچا یاالٰہی
گناہوں کے امراض سے نیم جاں ہوں پئے مرشدی دے شفا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اسان تاريخ جي بي مثال عورتن جي بي مثال سيرت ۽ ڪردار بابت ٻڌي رهيون آهيون، اچو! هڪ ٻي بي مثال عورت جي سيرت جي جهلڪ ٻڌون ٿا:

## حضرت نَفِيسَہ جي مختصر سيرت

هن عظيم ۽ بي مثال خاتون جو نالو آهي "سيده نَفِيسَہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا" هي شهزاده عالي وقار، نواسہ رسول، جگر گوشہ بتول حضرت امام حسن مجتبي رَضِيَ اللهُ عَنْه جي پَڙ پوٽي هئي، گهڻي نيڪ ۽ وڏي پرهيزگار هئي. ❖ **حضرت نَفِيسَہ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا مڪہ مڪرمہ ۾ پيدا ٿيون. ❖ **حضرت نَفِيسَہ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جو معمول هو تہ ڏينهن جو روزو رکنديون هيون ۽ سڄي رات نمازون پڙهنديون رهنديون هيون. ❖ **حضرت نَفِيسَہ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا ٽيهہ حج ڪيا، جن ۾ اڪثر پيدل حج ڪيا هئا. ❖ **حضرت نَفِيسَہ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي ڀائٽِي چوندي هئي تہ مون پنهنجي ڦڦيءَ حضرت **نَفِيسَہ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي چاليهہ (40) سال خدمت ڪئي، ان عرصي ۾ ڪڏهن بہ انهن کي رات ۾ سمهندي نہ ڏٺو. هڪ ڀيري مون انهن سان عرض ڪيو: اوهان پنهنجي جان کي آرام ڇو نٿيون ڏيو؟ تہ فرمائينديون هيون: ڪيئن آرام ڪيان؟ جڏهن تہ منهنجي اڳيان ڏکيون منزلون آهن جن کي ڪامياب ماڻهو ئي طئي ڪري سگهن ٿا. ❖ **حضرت نَفِيسَہ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي ڀائٽيءَ کان پڇيو ويو تہ حضرت سيده نَفِيسَہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا **ڇا ڪائينديون هيون؟** جواب ڏنو: اهي ٽن ڏينهن ۾ بس هڪ گرهہ

ڪائينديون هيون. (تنوير الازہار مترجم،۱۸۹/۲ملخصا) ❖ **حضرت نَفِيسَه** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي باري ۾ منقول آهي تہ انهن پنهنجي گهر ۾ پنهنجي قبر کوٽي هئي ۽ ان ۾ ڪثرت سان نماز پڙهنديون هيون، هڪ روايت ۾ آهي تہ ان قبر ۾ انهن ٻہ هزار ڀيرا قرآنِ پاڪ جو ختم ڪيو هو. ❖ **حضرت نَفِيسَه** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا پهرين رجب جو بيمار ٿيون ۽ رمضان شريف جي مهيني تائين بيمار رهيون. رمضان ۾ جڏهن مرض ۾ تيزي آئي تہ ڀاڻ کي مشورو ڏنو ويو تہ اڄ روزو ٽوڙي ڇڏيو تہ ڀاڻ جواب ڏنو: ٽيهہ (30) سالن کان مان اها دعا گهري رهي هيس تہ جڏهن موت اچي تہ ان وقت منهنجو روزو هجي ۽ هاڻي جڏهن اها خواهش پوري ٿيڻ تي آهي تہ مان روزو ڇو ٽوڙيان؟ اهو فرمائي سيده نَفِيسَه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا قرآن ڪريم جي تلاوت فرمائڻ لڳيون ۽ تلاوت ڪندي ڪندي ڀاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا دارِ فاني کان دارِ باقي ڏانهن انتقال ڪري ويون. (تنويرالازہارمترجم،۱۹۸/۲ ملخصا) ❖ **حضرت نَفِيسَه** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي ڀائٽيءَ جو بيان آهي تہ سيده نفيسہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جنهن مصلي تي نمازون پڙهنديون هيون ان سان گڏ هڪ ٽوڪري هئي، جڏهن اهي ڪنهن شيءِ جي خواهش ڪنديون هيون اها شيءِ ٽوڪري ۾ خود بخود ملي ويندي هئي، مان انهن وٽ اهڙيون شيون ڏسندي هيس جيڪي منهنجي وهم و گمان ۾ بہ نہ هونديون هيون، مون کي خبر ناهي تہ اهي ڪير آڻيندو هو. هڪ ڀيري مون انهن سان حيرت جو اظهار ڪيو تہ فرمائڻ لڳيون: زينب! جيڪو الله پاڪ تي ڀروسو ڪرڻ لڳي وڃي، دنيا ان جي هٿ ۾ هوندي آهي، ۽ ان جي فرمان جي تابع ٿي ويندي آهي. (تنوير الازہارمترجم، ۱۸۹/۲ ملخصا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عمل جو جذبو پيدا ڪريو!

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! حضرت بي بي نَفِيسَه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي هن مختصر سيرت ۾ اسان جي لاءِ عبرت جا ڪيئي درس آهن، اهي ڏينهن رات عبادت ۾ مگن رهنديون هيون، اسان کي بہ ان مان عبرت وٺندي عبادت جي ڪثرت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. گهٽ نہ بہ ٿئي تہ گهٽ ۾ گهٽ پنج

وقت جون نمازون تہ ادا ڪرڻ گهرجن. ياد رکو نماز جي ادائيگي فرض آهي، ان ۾ هرگز هرگز سستي نہ ٿيڻ گهرجي. اهڙي طرح اسان حضرت بي بي نَفِيسَہ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہا جي باري ۾ ٻڌو تہ انهن قبر ۽ آخرت کي ياد رکڻ جي لاءِ پنهنجي قبر پهريان کان ٺاهرائي رکي هئي ۽ ان ۾ ختمِ قرآن ڪرڻ لڳيون هيون ايستائين جو ڇهہ هزار ڀيرا ختمِ قرآن ڪري ورتو، اسان کي بہ روزانو قرآن جي تلاوت جو معمول بنائڻ گهرجي ۽ انهن جهڙي طرح جي زندگي گذاري ان جو انعام انهن کي هن زندگي ۾ اهو مليو تہ اهي جيڪي خواهش ڪنديون هيون، الله پاڪ انهن کي عطا ڪندو هو. هن ۾ اسان جي لاءِ بہ درس آهي تہ جيڪڏهن اسان بہ دنيا جي بدران خالق جون ٻانهيون بڻجي وڃون، اسان بہ پنهنجي زندگي کي بي مثال عورتن جيان گذارڻ واريون بڻجي وڃون تہ اها دنيا اسان جي لاءِ پڻ حڪم جي غلام ٿي پوندي، بي منداٺتا ميوا اسان کي بہ نصيب ٿيندا ۽ سڀ کان وڏو فائدو اهو ٿيندو تہ هميشہ رهڻ واري آخرت بہ بهتر ٿي ويندي. انهن سمورين ڳالهين تي عمل جي لاءِ اوهان عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي سان وابستہ ٿي وڃو ۽ سڄي دنيا ۾ دين جو پيغام عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي سان تعاون ڪريو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سنت جي فضيلت

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهہ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿي. تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي هو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،۱/۵۵، حديث :۱۷۵)

## مهمان نوازي جون سنتون ۽ آداب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو! مهمان نوازي جون سُنتون ۽ آداب ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿيون. پهريان (3) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظہ ڪريو. (1) جيڪو شخص (قدرت باوُجُود) مهمان نوازي نٿو ڪري ان ۾ ڀلائي ناهي. (مُسند امام احمد ، مسند الشاميين۶/ ۱۴۲،حديث: ۱۷۴۲۴) (2) انسان جي ڪم عقلي آهي جو هو پنهنجي مهمان کان خدمت وٺي. (جامع صغير،ص۲۸۸،حديث :۴۶۸۶) (3) سنّت هي آهي تہ مهمان کي دروازي تائين رخصت ڪرڻ وڃجي. (ابن ماجہ،ڪتاب الاطعمہ، باب الضيافة،۴/۵۲، حديث: ۳۳۵۸) ❖ مهمان کي گھرجي تہ پنهنجي ميزبان جي مصروفيتن جو لحاظ رکي. ❖ صَدرُالشّريعہ حضرت مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: مهمان لاءِ چار ڳالهيون ضَروري آهن: (۱) جتي ويهاريو وڃي اتي ويهي. (۲) جيڪو ڪجھ ان جي اڳيان پيش ڪيو وڃي ان تي خوش ٿئي، (ائين نہ ٿئي جو چوڻ لڳي: هن کان سٺو تہ مان پنهنجي ئي گھر کاوان ٿو يا اهڙي قسم جا ٻيا لفظ). (۳) ميزبان کان اجازت وٺڻ بِغير اتان نہ اٿي ۽ (۴) جڏهن اتان کان وڃي تہ ان جي لاءِ دُعا ڪري. (فتاوی هنديہ، ڪتاب الڪراہيہ، باب ثانی عشر ـ ـالخ، ۵/۳۴۴) ❖ گھر يا کاڌي وغيره جي مُعاملات ۾ ڪنهن قسم جي تنقيد نہ ڪري، نہ ئي ڪوڙي ساراھ. ميزبان بہ مهمان کي ڪوڙ جي خطري ۾ وجهندڙ سُوال نہ ڪري مثال طور هيئن چوڻ اسان جو کاڌو ڪيئن هو؟ اوهان کي پسند آيو يا نہ؟ اهڙن موقعن تي جيڪڏهن نہ پسند هئڻ جي باوُجُود مِهمان مُرَوَّت ۾ کاڌي جي ڪوڙي تعريف ڪندو تہ گنهگار ٿيندو. اهڙي قسم جو سُوال بہ نہ ڪري تہ ”اوهان پيٽ ڀري کاڌو يا نہ؟“ چوتہ اتي بہ جواب ۾ ڪوڙ جو انديشو آهي چوتہ گھٽ کائڻ جي عادت يا پرهيزي يا ڪنهن بہ مجبوري تحت گھٽ کائڻ جي باوُجُود اصرار ۽ تڪرار کان بچڻ جي لاءِ مِهمان کي چوڻ پئجي وڃي تہ ”مون گھڻو کاڌو آهي.“ ❖ ميزبان کي گھرجي تہ مهمان کي وقت بوقت چوي تہ ”اجا کائو“ پر ان تي اِصرار نہ ڪري. (فتاوی هنديہ، ڪتاب الڪراہيہ، باب ثانی عشر ـ ـالخ، ۵/۳۴۴) ڪٿي اِصرار جي ڪري ايترو وڌيڪ نہ کاڌو

وڃي جو ان جي لاءِ نقصان ده هجي. ❖ ميزبان کي بالڪل خاموش نہ رهڻ گهرجي ۽ اهو بہ نہ ڪرڻ گهرجي تہ ڪاڏو رکي غائب ٿي وڃي بلڪ اتي حاضر رهي. (فتاوی هنديہ، کتاب الکراهيہ، باب ثانی عشر ۔۔الخ، ۳۴۵/۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**" **امير اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **جا** بہ رسالا "**101 مدني گل**" ۽ "**163 مدني گل**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اِنْ شَآءَالله! **آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع** جو موضوع هوندو: "**ڪراماتِ صديقِ اڪبر**" **جنهن ۾** اسين حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْه **جو ڪجھ ذڪرِ خير، سندن** رَضِیَ اللهُ عَنْه **جو مختصر تعارف، ڪجھ فضائل ۽ ڪمال ۽** سندن جون ڪرامتون بيان ڪيون وينديون ان ڪان علاوه ڪرامت جي شرعي حيثيت، ڪرامت جو حڪم ۽ ان ڪان علاوه حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْه **جون ديني خدمتون** بہ بيان ڪيون وينديون.

لهٰذا! **آئنده اربع بہ اجتماع** ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين اسلامي ڀينرن کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو.